ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ’صنعت سِياقة الاعداد‘ جو جائزو


***Abstract:***

**(A study of the ‘Sequential Number Technique’ in Molvi Ahmed Mallah’s poetry)**

*Poet Molvi Ahmed Mallah, from a technical point of view, appears to be a master of words and its use in Sindhi poetry. Not only is his poetry filled with feelings of pains and pangs of love and affection but it also abounds with revolutionary and reactionary elements of thoughts against feudal classes and the Peers/Mirs. It was as a result of such anti-feudal and anti-Peer/ Mir approach and thoughts of his that his work could not be evaluated or receive the recognition it deserved.*

*This paper is a study of ‘Sequential number technique’, an important literary technique used as genus of figures of speech. There are two kinds of numbers: Cardinals and Ordinals which can be used in ascending as well as descending order according to the necessity and situation of the speaker or the writer. Besides Cardinals and Ordinals in Sindhi language, there is another kind of a number, called ‘The Cardinal-Ordinal Number’ which as the name suggests is a combination of both the cardinals and the ordinals. Having studied the scope of the cardinals and the ordinals, we have come across with this new type of number, which is the sole peculiarity of Sindhi language that can be called cardinal-ordinal number.*

*One discovers the craftsmanship of the usage of all these types of the numbers in Molvi Ahmed’s poetry that too both in ascending as well as descending order. This paper is an in-depth study of ‘Sequential number technique’ in Molvi Ahmed Mallah’s poetry.*


## اڀياس جو پس منظر:

علم عَروض ۽ چند وديا جي امتزاج جو شاعر مولوي احمد ملاح، فني لحاظ کان تمام سگهارو شاعر آهي. سماجي طور، سندس شخصيت جي سجاڳ مزاحمتي شاعر جي رهي آهي، ان سبب هن جي شاعريءَ کي اها پذيرائي نہ ملي سگهي آهي،





جيڪا فني لحاظ کان هن جي شاعريءَ ۾ پسي سگهجي ٿي. شاعريءَ ذريعي مير، پير، وڏيري ۽ جاگيرداري طبقي جا تہ اصل چوڏا لاهي ڇڏيا اٿس. اهو ئي سبب آهي جو هو هڪ اختلافي شاعر بڻ رهيو آهي. پر سندس منظوم ترجمي ’نور القرآن‘، سندس ڪم کي متانهون مانَ ڏياريو آهي، سندس ڪافي شاعريءَ کي، سندس متاثر ٿيل ماڻهن جي پوئوارن، پٺي پوئتي ڌڪيو آهي. جس آهي ارباب الھ جڙيي کي جنهن مولوي صاحب جي ’نور القرآن‘ جو پهريون ڇاپو ڇپرايو ۽ جڏهن تہ پروفيسر ضرار رستماڻيءَ مولوي صاحب جا غزل ۽ نظم جهر جهنگ مان ڳولهي ڦولهي هٿ ڪري ’ڪليات احمد‘ جي نالي سان ڇپرائي سندس شاعري کي محفوظ ڪيو آهي، بلڪ تحقيقي تصحيح جي بنياد تي ان جا ڪجھ ڇاپا بہ ڇپرائي چڪو آهي. هن وقت ’ڪليات احمد‘ اسان وٽ هڪ اهم مواد جي حيثيت ۾ موجود آهي، جنهن جي مدد سان مولوي صاحب جي شاعريءَ جون فني خوبيون مختلف ڪسوٽين تي جاچي سگهجن ٿيون.

’تجنيس حرفيءَ جو شهنشاه‘ سڏجندڙ، مولوي احمد ملاح لفظن جو ماهر شاعر رهيو آهي، ان ڪارڻ ڪابہ صنعت جڏهن سندس شاعريءَ ۾ ڏسڻ گهرون ٿا تہ ڪافي مواد حاصل ٿي وڃي ٿو. ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ صنايع بدايع جي روشنيءَ ۾ سندس شاعريءَ کي پرکيو وڃي ۽ هڪ معياري ادبي دستاويز گڏ ڪري عام آڏو رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هتي سندس شاعريءَ ۾ ’صنعت سِياقة الاعداد‘ جو جائزو ونجي ٿو.

ان صنعت مان مراد ’شماري يا قطاري انگن‘ جي تعداد جي ترتيب (Ascending) يا ٻي ترتيبي (Descending) جو جائزو وٺڻ آهي.

## اڀياس جا سوال:

هن مقالي جو احاطو هيٺين سوالن تي رکجي ٿو:

1. صنعت ۽ تجنيس ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
2. صنعت سياقة الاعداد مان ڇا مراد آهي؟
3. تعداد جي لحاظ کان انگن/ عددن جا ڪهڙا قسم ٿي سگهن ٿا؟
4. مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ تعداد جو ڪهڙو قسم وڌيڪ ڪم آندل آهي؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### اپياس جو عمل:

**صنعت ۽ تجنيس ۾ فرق :** مولوي صاحب ’تجنيس حرفيءَ جو ماهر‘ سڏجي ٿو. فني لحاظ کان ’حرفي‘ ڪافي ٻين تجنيس جي ماءُ آهي، جيئن: تام، ناقص، مرڪب، زائد، مذيل، خطي وغيره. يعني اهي تجنيسون الڳ دائرن سان ’تجنيس حرفيءَ جو ئي بنياد آهن.

تجنيس مان مراد هڪ مخصوص جنس وارا لفظ جيڪي پيٽڻ جي صورت ۾ ڪم آيل هجن. يعني ڪنهن شعر يا بيان ۾ سمايل تجنيس تڏهن شمار ۾ ايندي، جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه مختلف لفظ ساڳي جنس وارا ڪم آيا هجن. جڏهن ته صنعت ۾ لفظ جي معنوي انداز کي مرڪوز ڪيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته تجنيس جو لاڳاپو لفظن سان آهي، جڏهن ته صنعت جو تعلق ان جي معنيٰ سان ٿيندو.

### صنعت سياقة الاعداد جو دائرو:

’صنعت سياقة الاعداد‘ عددن جي مختلف اندازن کي استعمال ڪرڻ جو نالو آهي. مرزا قليچ بيگ ڄاڻايل صنعت بابت لکي ٿو ته: ”جڏهن ڪي عدد ترتيبوار يا بي ترتيب ڪم آڻجن، يا ڪي صفتون يا ڳالهيون شمار ڪرڻ ۾ اچن. مثال:

خلد اَٺ، ست آسمان ۽ ڇهه طرف ٽيا، پنج حواس،
چار عنصر، ٽي مواليد ۽ ٻه جڳ، هڪڙو خدا.

هڪ غم، ٻه غم هجن، ڪٽي ٽي غم يا چار غم،
ويچاري دل ڪري ڪيئن، هت ٽيا هزار غم.“(1)

’صنعت سياقة الاعداد‘ جي دائري بابت ظفر عباسي لکي ٿو ته: ”سياقة الاعداد معنيٰ عددن جو هلائڻ يا قطار ۾ رکي ڏيکارڻ. اها صنعت، جنهن موجب ڪلام ۾ ڳاڻاٽي جا عدد ڪنهن موزون نموني بيهارجن، جو بيت سهڻو لڳي ۽ معنيٰ به سهڻي لڳي، يعني جڏهن ڪي عدد ترتيبوار يا بي ترتيب آڻجن، يا ڪي صفتون يا ڳالهيون شمار ڪرڻ ۾ اچن. مثال:

تارازي جي توري، مڪ موتين تي نه ڏيان،
ٻيٽا ٽيٽا نه ونان، توري توري نه توري،





گهوري آئون گهوري، جو چارو چام ڪلهن تي.
(سچل)“(2)

### صنعت سياقة الاعداد جو اشتقاق:

فيروز اللغات عربي- اردو (۱۹۷۹ع) جي مدد سان هن اصطلاح جو اشتقاق هيٺين ريت بيان ڪجي ٿو:

صنعت سياقة الاعداد: [صنعت ( صَنَعَ = هن ٺاهيو) ڪاريگري، هنر، فن + سياقة - اسم (هلائڻ- روان ڪرڻ) + اعداد- عدد جو جمع (انگ) انگن کي روان هلائڻ وارو هنر] علم بيان موجب ڪاريگريءَ سان انگن کي ترتيب يا غير ترتيب سان هلائڻ. جيئن:

هڪ بَلائون، ٻيو بُڪون، ٽيون بار، چوٿون بَر وڏا،
هاءِ! حيوانن حوالي، ٽيا هزارن جا هڏا،
ڪيئن جبل جهاڳي سگهن؟ جاني! اسان جهڙا جڏا،
لُڪ لِڳن لوساٽيو، لَڪ ۾ وِڌم لاهي لَڏا،
پيَم رڻ ۾ رات رهبرَا! يا رسول الله رَسيج!
(ڪليات احمد، پاڱو پهريون- ۱۳۸)

مولوي صاحب جي ڄاڻايل مثال ۾ ’هڪ‘، ’ٻيو‘، ’ٽيون‘ ۽ ’چوٿون‘ وارا عدد شماري ۽ قطاري عددن جو امتزاج آهن. شماريءَ ۾ ’هڪ، ٻه، ٽي...‘ ۽ قطاريءَ ۾ ’پهريون، ٻيون، ٽيون...‘ وارو نمونو هجڻ گهرجي، ليڪن ڄاڻايل مثال ۾ ’هڪ، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون‘، ’شماري-قطاري عدد‘ سڏبا.

### تعداد جي ڳڻپ جا قسم:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳڻپ جا ٻه اهم قسم آهن، هڪ: شماري، ٻيو: قطاري. شماريءَ ۾ روان انگ ڳڻيا ويندا آهن، جيئن: هڪ، ٻه، ٽي وغيره؛ جڏهن ته قطاريءَ ۾ پهريون، ٻيون، ٽيون وغيره. سنڌي صورتخطيءَ پٽاندر قطاري انگن ۾ اختلاف سامهون آيل آهي. درسي توڙي ادبي ڪتابن ۾ اها ڳالهه عام ڏٺي وئي آهي ته قطاري عددن ۾ صرف لفظ ’ٻيو‘، ’نون ڠُني‘ ڪان سواءِ لکجي پيو. جيئن ’سنڌي ٻيو ڪتاب‘، جڏهن ان سان ’حرف جر‘ جي استعمال سبب نحوي صورت تبديل ٿيندي آهي ته ’سنڌي ٻئين

ڪتاب ۾ ڪل ويهه سبق آهن‘ يا ’سنڌي ٻئين ڪتاب جي پهرئين سبق ۾ اهو جملو ٻاٽايل آهي‘ وغيره.

جڏهن ’سنڌي ٻيو ڪتاب‘ لکت ۾ اچي ٿو ته ’حرف جر‘ ڳنڍجڻ جي صورت ۾ ’سنڌي ٻئي ڪتاب ۾‘ لکڻ گهرجي، پر اهو دراصل سياويڪ ناهي. اهڙي حالت ۾ قطاري عدد جنهن صورت ۾ ’پهريون‘ ۽ ’ٽيون‘ وغيره ڪم اچي ٿو ته ’ٻيون‘ هجڻ گهرجي. اها ڳالهه سيڪو ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ ڄاڻي ٿو ته اسان وٽ ڏارئي يا another لاءِ به ’ٻيو‘ لفظ ڪم آندو ويندو آهي، ۽ ساڳيو لفظ قطاري عدد لاءِ به استعمال ٿئي ٿو. منهنجي ذاتي راءِ مطابق لفظ ’ٻيو‘ ۽ ’ٻيون‘ کي الڳ خيال ڪان ڪم آندو وڃي، جيئن:

| | |
|---|---|
| ٻيو | هي لفظ ڪنهن ٻئي ڄڻي، يا ٻي ڪنهن شيءِ لاءِ مروَّج آهي. |
| ٻيون | هي لفظ قطاري عدد آهي، جيئن: پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون ... |

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ به پنهنجي هڪ مضمون ’سنڌيءَ جي دڪدائڪ حالت سڌارڻ لاءِ رٿ‘ ۾ اهڙي راءِ ڏيندي لکي ٿو: ”عددن ۾ چئون پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون وغيره؛ ڪي ’ٻيو‘ بدران ’ٻيون‘ به چون. رواج موجب ٻئي صحيح آهن، پر لفظ کي هڪڙي بيهڪ ڏيارڻ لاءِ مان جيڪر چوان ته درسي ڪتابن ۾، توڙي بورڊ جي ڊڪشنريءَ ۾ ’ٻيون‘ لکجي. پهريون، ٽيون، چوٿون وغيره جي پڇاڙيءَ ۾ ’ن‘ آهن، ته هن حالت ۾ به ’ن‘ وجهجي، ته سيني عددن جي پڇاڙيءَ وارو اچار هڪ ساريڪو ٿئي؛ ائين ڪبو ته ٻنهي لفظن جي معنيٰ کي به پوري بيهڪ ملندي، يعني ٻيو معنيٰ ساڳيو نه، علحدو، نرالو (Other, another)، ۽ ٻيون معنيٰ پهريون نه، Second، انهيءَ سبب هن حالت ۾ ’ٻيو‘ بدران ’ٻيون‘ چوڻ ۽ لکڻ چڱو ٿيندو.“[٣]

ان ڪان علاوه ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ پنهنجي ڪتاب ’ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ‘ جي ص: 175 تي ديوناگري لپيءَ ۾ ٻئين ڪتاب جو عڪس ڏنو آهي، تنهن جي هيٺان عربي- سنڌي رسم الخط ۾ ’درسي ٻيون ڪتاب‘ جي لفظن سان اشارو ڏنو آهي؛ جڏهن ته ديوناگري ڪتاب جي عڪس تي ’ٻيو ڪتاب- سنڌي‘ (ibXo ikqwbu isNDI) لکيل آهي. يعني ڊاڪٽر جيٽلي قطاري عددن ۾ ٻين لفظن جيان، لفظ ’ٻيو‘ ۾ ’نون غُني‘ جي اضافي کي ترجيح ڏئي ٿو.[٤]

راقم پنهنجي ٿيسز ’عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جي





اپياس‘ ۾ ڀاڱن/ پتين ۾ ’شمار‘ بابت لکي ٿو ته: ”هتي هيءَ به ڳالهه غور طلب آهي ته جڏهن اسين ڪنهن هڪ وضاحت جا ڀاڱا/ پتيون ڏيکاريندا آهيون ته ان صورت ۾ ’ن- غُني‘ جو استعمال بلڪل چسو ۽ بيجا لڳندو آهي؛ مثلاً:

١. **هڪ:** هي شماري عدد ڪنهن به ڳالهه جو پهريون حصو ڏيکاريندو آهي؛
٢. **ٻيو:** هي شماري عدد ٻيو حصو ڏيکاريندو آهي؛
٣. **ٽيو:** هي شماري عدد ٽيون حصو ڏيکاريندو آهي؛
٤. **چوٿو:** هي شماري عدد چوٿون حصو ڏيکاريندو آهي؛ وغيره.

وڌيڪ وضاحت لاءِ ڀاڱيوار شماري عدد جو هيٺين ريت استعمال نوٽ ڪيو ويو آهي:

- پهرئين سڄي جو هڪ ڀاڱو، ٻيو ڀاڱو، ٽيو ڀاڱو، چوٿو ڀاڱو، پنجو ڀاڱو...
- ٻئين سڄي جو هڪ حصو، ٻيو حصو، ٽيو حصو، چوٿو حصو، پنجو حصو...
- ٽئين سڄي جي هڪ پتي، ٻي پتي، ٽين پتي، چوٿي پتي، پنجي پتي...

عام طرح، ڪنهن مڪمل شيءِ جي هڪ ڀاڱي، ٻئي ڀاڱي، ٽئين ڀاڱي ۽ چوٿي ڀاڱي کي شماري عدد جو ڀاڱو تصور ڪيو ويندو آهي.

پتين/ حصن ۾ ڪم ايندڙ شماري عددن جو اندازو هيٺئين فقري مان ڪري سگهجي ٿو:

’اسان جي تعليم جي بگڙجڻ جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا جن جي اسبابن ۾ هيٺيان ڪردار اهم آهن: هڪ: استاد، ٻيو: شاگرد، ٽيو: والدين، چوٿو: معاشرو، پنجو: رياست.‘[٥]

پروفيسر علي نواز جتوئي لفظ ’پنجو‘ ڪم آڻيندي تقليب موجب لکي ٿو ته: ”ڄِڀَ جي غلطيءَ سببان ڪي آواز پاڻ ۾ جڳهه مٽيندا آهن، ان کي ’تقليب‘ (Metathesis) سڏبو آهي؛ جيئن: ’همراهه‘ مان ’هرماهه‘، ’پنجو‘ (پنج آڱرين وارو) مان ’چنبو‘، ... وغيره.“[٦]

پروفيسر جتوئي جي حوالي ڏيڻ مان مراد اها آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن اسم جي پتين/ حصن تي مشتمل شماري عددن ۾ ’ن غُنو‘ ڪم نه آندو ويندو آهي؛ جيئن پنجن آڱرين/ حصن تي مشتمل هٿ لاءِ ’پنجو‘ ڪم اچي ٿو. اهڙي نموني پراڻي وقت ۾ جنس جي ماپي لاءِ مقرر ڪيل ايڪي پاٽيءَ جي چوٿين حصي کي ’چوٿو/ چوٿڙو‘ چيو ويندو هو/ آهي؛ اڄڪلهه به مانيءَ جي چوٿين حصي لاءِ ’چوٿو‘ لفظ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مستعمل آهي.

جامع سنڌي لغات موجب: ”چوٿو ڄ چوٿا: چوٿون حصو (ڪنهن بہ شيءِ جو). چوٿين پتي (مانيءَ جي).“[٧]

’نئين جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي ڪم آندل صورتخطي ڪجھ نرالي آهي، جتي ’ر‘ جي لاڙ وارا لفظ ڪم اچن ٿا تن کي ’ر‘ جي اضافي سان ڄاڻايو اٿس؛ ان کان علاوه شماري پاڳن ۾ ’جلد پهريون‘، ’جلد ٻئو‘ ۽ ’جلد ٽئو‘ ڪم آندو اٿس. جيڪو ڪنهن حد تي ٺيڪ پيو لڳي. هن ۾ هڪ شماري عدد (پهريون، ٻئو ۽ ٽئو) جا پاڳا واضح ٿين ٿا. ٽيڻ ائين ڪپندو هو تہ هڪ اسم جي پاڳن جو شمار : ’هڪ، ٻيو ۽ ٽئو‘ ڄاڻائجي ها.

ان کان علاوه ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي هن حوالي مان پڻ اهڙي عدد جو اندازو ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ نظرانداز اَٽ وسرڳن ۾ ’رھ‘ جو وسرڳ مثالن سان هيئن ڏنو آهي:

’ر‘ جو وسرڳ ’رھ‘ مثال: ٻارهو، يارهون، ٻارهون، تيرهون. [8]

ڊاڪٽر ميمڻ جي حوالي ۾ ساڳيو لفظ هڪ گھُٽائپ ۽ ٻيو بنان گھُٽائپ جي ڄاڻايل آهي، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ بغير گھٽائپ سان لفظ جو سماجي ڪارج واضح ٿئي ٿو. يعني حصن پتين تي مشتمل لفظ ٻوليءَ ۾ بنان گھُٽائپ جي ڪم اچن ٿا؛ جيئن ٻارهن مهينن تي مشتمل حصن جي مجموعي يا ان مجموعي جي ٻارهين حصي واري مهيني ۾ ملهائجندڙ ڏهاڙي کي ٻوليءَ ۾ ’ٻارهو‘ ٿو ڪوٺيو وڃي.

هيٺئين شعر ۾ بہ ٻوليءَ ۾ مستعمل اهڙن لفظن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو:

’هڪ تہ سمجهيو نہ مون، ٻيو ٻڌايو نہ تو،
دل پڪي وئين ڪري، دير سان پيو پتو.‘[٩]

- اٿلاٽي: لفظ ’ٻيون‘ بابت مٿين ڇنڊڇاڻ بعد ڳُٽپ جا هيٺيان قسم بيهن ٿا:

1. شماري عدد: هڪ، ٻہ، ٽي، چار، پنج، ڇھ وغيره ۽ وري انهن جا غير ترتيبوار.
2. قطاري عدد: ان قسم جي انگن کي ٻن حصن ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي:

- قطاري عدد: پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون وغيره ۽ انهن جا غير ترتيبوار.
- شماري- قطاري عدد: هڪ، ٻيو، ٽيو، چوٿو، پنجو وغيره ۽ انهن جا غير ترتيبوار.





## مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ’صنعت سياقة الاعداد‘ جي استعمال جو جائزو:

عددن جو استعمال ٻن رخن کان ٿي سگهي ٿو، هڪ: ترتيبوار (Ascending order) ۽ ٻيو: غير ترتيبوار (Descending order). مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ٻئي رخ ملن ٿا، جن جو هن مقالي ذريعي جائزو ورتو ويندو. هيٺ مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ ’صنعت سياقة الاعداد‘ نسبت، گروهن ۾، چند مثال پيش ڪجن ٿا:

### شماري عدد ترتيبوار جو انداز:

حسن گهرجي هر هميشه، حسن کهڙو هڪ ٻہ ڏينهن،
هڪ ٻہ ڏينهن لاءِ ناهہ، نينهن نوبت بَرصواب.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- ١٠٣)

مٿئين شعر ۾ ’هڪ- ٻہ‘ شماري عدد ڏنل آهن.

جَڳ روئي ’احمد‘ موئي، عالَم سڄا ارمان ۾،
لڙڪ لالڻ! لاش تي تون، هڪ ٻہ هارڻ کان بہ وئين.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- ٤٤١)

مٿئين شعر ۾ ’هڪ- ٻہ‘ شماري عدد ڏنل آهن.

اکين جي هڪ اشاري سان، اَڏيءَ تي آھ پيو ’احمد‘،
ٽيو ٻيرا ٻہ ٽي پيرا، اجا ڇيرا ڇُڙن پيا ڇو؟
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون-٤٧٠)

مٿئين شعر ۾ ’هڪ، ٻہ ۽ ٽي‘ شماري عددن جو استعمال ٿيل آهي.

ٽيَن ڏينهن ۾ چوريون چار پنج،
وڃي پير پهتا پَرئين پارَ ڪي.
(ڪليات احمد، پاڳو پهريون-319)

مٿئين شعر ۾ ’چار- پنج‘ ترتيب سان شماري عدد ڏنل آهن، جنهن کي ترتيبوار شماري انگن جو استعمال چئبو.

### گرداني (inflected) صورت ۾ شماري عدد جو ترتيبوار انداز:

هزارين حرف هَي هَي! ميتجن ڪيئن حرف هڪ ٻن سان؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لکيم دفتر بہ دفتر کھڙو؟ دفتر دفترن ۾ مُکُ
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون-327)

نحوي بناوت سبب جڏهن ڪنهن اسم يا صفت جي حالت جمع جي صورت ۾ متبي آهي ۽ 'حرف جر' جو ميلاپ ڪيو ويندو آهي تہ لفظ پنهنجي اصلي صورت متائي ڪري، 'ن' جو اضافو ڪٽندو آهي. 'هڪ ۽ ٻن' ۾ 'ٻن' جو لفظ گرداني صورت وارو ڪم آندل آهي.

## شماري ڏهاڪن جو ترتيبوار انداز:

سَٺ ستر ڪان اڳ نہ منهنجي، ڪنهن ڪي ڪَر منجھ ڪاروان،
ڪينَ مان تو ڪيئن بڻايو، پوءِ نطفو ناتوان،
پوءِ ٻُجھو ٻُپ، پوءِ ٻُيرو ٻُرٽ، پوءِ ڳوڙھو جوان،
قُوت، قُوت ڏيئي ڪيَس، تو پاڻ پالي پهلوان،
تون نہ پالين، ڪير پالي؟ پال پالڻهارَ! تون،
تون نہ ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيھ جو ڏاتار تون.
(ڪليات احمد، پاڳو پھريون- 162)

متئين مسدس ۾ 'سٺ- ستر' ترتيب سان ڏهاڪن جو ذڪر آيل آهي.

## شماري سؤ _ هزار جو ترتيبوار انداز:

سُک سُتا تي جي هِتي، ويا سُور ڪِيندا سؤ هزار،
گھر چڙي پيا گھوٽ، گھوڙا! منجھ گھنگھر ناڪي وجود.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- 219)

متئين شعر ۾ 'سؤ- هزار' سوَن وارو شماري تعداد ترتيبوار انداز ۾ ڏنل آهي.

ڪيا ناز نيڻن، سَنجي فوج سيڻن،
فقط ڦير هڪ سان ڪُسي ويا ڪروڙا.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- 62)

متئين شعر ۾ 'هڪ ۽ ڪروڙا' شماري عدد آهن.

قد اَلف، قيمت هزارين، تِر ڪٽو تيرهن ڪروڙ،
مال ڪيو منظور مون، هو جي مگر ڪَن مُل پسند.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون - ٢١٤)





متئين شعر ۾ 'هزارين ۽ تيرهن ڪروڙ' شماري عدد آهن.

## قافيي ۾ شماري عدد جو ترتيبوار انداز:

مِٺا محبوبَ! محبت ڪي، نہ محبن سان مَٽي وڃجي،
جشن جوڙي ڪجي جاني! نہ جهٽ پَٽ جيءُ جهَٽي وڃجي.
ڪنڍا ڪاڪل ڪُلهن تي، ڪَر پٽون ڪارا ڪُنڍي وارا،
ڦُري دل پوءِ ڪجي ڦيرو، نہ ڦوڙائي ڦٽي وڃجي.
اسان جي قلب سان ڪن ڪار، جيئن ڪارا ڪلاداري،
وڍين توڙي وٺان وارن، ڪي وانگوڙا وَٽي وڃجي.
سڄڻ! سَرچي نهي ساٿمر، وڇان سالُون مَر وِجھ ساريون،
ڏمر ڏاڍو هجي تہ بہ ڏور، ڏيهڙي ڏينهن بہ تي وڃجي.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون -٥٢١)

مولوي صاحب جي غزل جو هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ 'بہ تي' شماري عدد قافيي ۾ ڪم آندا ويا آهن. رديف ۾ شماري عدد جو ترتيبوار انداز آهي.

آخر ۾ ٻن غزلن جا چند بند رکجن ٿا جيڪي 'صنعت سياقة الاعداد' ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا:

ساري سلام چئيج تون سَنيهڙا بہ تي،
پانڌي؟ پيام ڏيج، تون ٻاپيهڙا بہ تي.
ناٽو وڏيڪ آهہ تہ داٽو بہ دوستَ! ڏِس،
هِڪ تِر مٽي هزار ڏناسين هَڙان بہ تي.
اکيون عُقاب جيئن، تہ ڪِلڻ بہ بوند خون،
شب روز ڪن شِڪار، هي شينهڙا بہ تي.
هِت ڪن سلام غلام گهڻا، ڪاڪ ڏانهن ڪير؟
سوڍا، ڪِ سومرا، ڪِ سَمان، سينهڙا بہ تي.
تو ري هزار ٻيا بہ ڪٽن هٽ هِتان هُتان،
مون ڪان نپايا نہ تين نينهڙا بہ تي.
بيمار بستري تي، بچڻ جو نہ پروسو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آءُ تون اگھڻ عجيبَ! ڪي ڏينهڙا ٻہ ٽي.
'احمد' ڪي آسرو، تہ اُني مِينهن ٿا اچن،
محبوبَ، موٽ موٽ، وٺا مِينهڙا ٻہ ٽي.
(ڪليات احمد، ٻاگو ٻيون- ۵۱۸)

مٿئين غزل ۾ شماري عددن باوجود رديف ۾ پڻ 'شماري عدد: ٻہ ٽي' ڪم آندا ويا آهن. مٿئين غزل جي مطلع ۽ مقطع ۾ 'ٻہ ۽ ٽي' ترتيبوار شماري عدد ڪم آندل آهن.

ڪنهن گهنگهر، گوندر چڪايم، گهاءَ گهوڙا! سؤ هزار،
ساھ ڪي صاحبَ پرين! پيا، سُور سوڙها سؤ هزار.
سُور نئين سُڌ سار ساري، پيَم سِيرُون منجھ سَرير،
سِر ڳلن ڳاڙيان، ڪندي ڳُڻ ياد، ڳوڙها سؤ هزار.
هڪ نہ پيرو مون بَندي، گهريم بَديَن لئي بخش، پال،
توھ تنهنجا مون مٿي، تحقيق توڙا سؤ هزار.
رڙ رجن ۾ رات ٽي، سُٽندي مِرون پيا مامري،
ٿا ٻَرن ٻَر ٻَرا! انهيءَ ڪان ٻُگھ ٻوڙا سؤ هزار.
خوف وارا خاڪ ۾ پيا، ڪِل گهٽي ٽي خَلق ۾،
پر قيامت ۾ ڪٽيندا، قسم! ڪوڙا سؤ هزار.
عُمر تي، اڌ ڏينهن جي، 'احمد' اٿئي پوريون اڪيون،
ڏس تہ ٿيا پُونءِ ۾ پُڪا، اڳ گهوٽ گهوڙا! سؤ هزار.
(ڪليات احمد، ٻاگو ٻيون- ۲۴۸)

مٿئين غزل ۾ شماري عدد 'سؤ هزار' رديف جي صورت ۾ آندل آهن.

## قطاري عدد جو ترتيبوار انداز:

قطاري عدد 'پهريون ۽ ٻيون' ٽين ٿا، اهڙي ترتيب مولوي صاحب جي شاعري ۾ ملي تہ ٿي، ليڪن گرداني صورت ۾، البت، هڪ قطاري عدد صاف ڪم آندل آهي.

اسم مون الحمد لله، لفظ پهريون لام ري،
چو پَريان ٻئي ڪي ڇھ آني؟ چئو تہ ڪانيءَ مان ڪين.
(ڪليات احمد، ٻاگو پهريون- ٦۷۵)

مٿئين شعر ۾ قطاري عدد 'پهريون ۽ ٻئي' ۾ 'ٻئي' جو قطاري لفظ 'گرداني صورت' (Inflected) ۾ ڪم آندل آهي. حقيقت ۾ان لفظ جو شمار 'قطاري عدد' ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





اچي تہ ٿو، ليڪن هتي 'ٻئي' جي مراد 'ڌارئي' (another) جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي.

## شماري ـ قطاري عدد جو ترتيبوار انداز:

هڪ حسن تنهنجي اڳي، هينئڙي سندم سان ڪيو حشر،
ٻيو سچڻ سُرمان وري، صورت ڪي سينگاري وڌا.
(ڪليات احمد، ٻاگو ٻيون- ۴۷)

مٿئين شعر ۾ 'هڪ' ۽ 'ٻيو' شماري-قطاري عددن جو مثال آهي.

هڪ پَراهون پنڌ پرين! ٻيا توڙ سين تاڪُو تَڪين،
دَر مٿي دربان ٽيون، دلبرَ! نہ ڌارين تہ ٻہ چڱو.
(ڪيات احمد، ٻاگو ٻيون- ۴۲۴)

مٿئين شعر ۾ 'هڪ'، 'ٻيا' ۽ 'ٽيون'، ترتيبوار شماري-قطاري عددن ۾ ڳٽيا ويندا.

جڏهن محبوبَ، ڪَر موڙين، تڏهن ڇاتيءَ مٿان ڇوڙين،
ڪيان هڪ ڪانُ، ٻيو ٻوڙين، بدن بيڪار هڪ ڏَڪ سان.
(ڪليات احمد، ٻاگو ٻيون- ۳۷۸)

مٿئين شعر ۾ 'هڪ' ۽ 'ٻيو' شماري-قطاري عدد ڄاڻايل آهي.

## شماري عدد جو غير ترتيبوار انداز:

نبي نوح ۽ هود، صالح سچار،
سين پَڪ ڪئي پاڪ رب جي پچار،
هليون پَر سندن تي پُريون پنج چار،
ڇڏي حق ويا پوءِ هاريا هَچار،
نہ سي ياد ڪن يار طوفان ڪي،
اجا ڦيريو ڪيئن فرقان ڪي؟
(ڪليات احمد، ٻاگو پهريون - ۳۷۰)

مٿئين نظم جي بند ۾ 'چار- پنج' جي ترڪيب بنا ترتيب 'پنج چار' جي صورت ۾ ڏنل آهن، جنهن ڪي غير ترتيبوار شماري عددن جو هلائڻ چئبو.

حڪم تنهنجي هيٺ آهن، حڪم وارا لَک هزار،
سؤ سُليمان زير فرمان، سؤ سڪندر تنهنجي هٿ.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ١٣٨)

مٿئين شعر ۾ 'لک- هزار'، غير ترتيبوار ٻٽائي 'لک هزاري' صورت ۾ ڏنل آهي.

سَڏ سُڪيءَ تي ڪيم سِڪ مان، سؤ منجهان سوئي نہ هِڪُ،
هاڻ ترهو تار مان، جي ترت تارين تہ ٻہ چڱون.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ٣٢٣)

مٿئين شعر ۾ 'سؤ- هڪ' غير ترتيبوار شماري عدد ڏنل آهي.

جتي ٿي رهيا راڄ ڊوليا ۽ ڊٺ،
اجل سڀ اُجاڙيا اُمالڪ اُڦٽ،
بچيا سؤ تي ڏهہ، چار تن ۾ ٻہ چَٽ،
ڦِٽو نَڪ، ڦَٽي ران هڪ منٺ ۾.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ٣٩٨)

مٿئين نظم جي بند ۾ 'سؤ- ڏهہ- چار- هڪ' شماري عدد، غير ترتيبوار ڏنل آهن.

## قطاري عدد جو غير ترتيبوار انداز:

تِير تاڻُو جن نہ ٿئي، ٻيون سي هٽن واري حبيب،
تن جو پهريون ڪانُ پورو، پيَم پاساڙيءَ وٺان.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ٣٦٥)

مٿئين شعر ۾ 'ٻيون- پهريون' قطاري عدد، غير ترتيبوار ڏنل آهن.

## اُوڻ ۽ اُتر عددن جي استعمال جو انداز:

هِنيين جو حال، حاڪم حسن وارا! آءُ تہ ڏيڪاريانءِ،
ٻہ اڌَ دل درد ۾ دلبرَ! تو ڌارا، آءُ تہ ڏيڪاريانءِ.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ٥٠٨)

مٿئين شعر ۾ 'اڌ' جو تصور ڏنو ويو آهي.

لِک منجهان ڪِن لَک ڪٽيا، ڪن لَک لُٽايا لِک مٿي،
بي خبرَ، بيدار ٿي، بازار بستي ڏينهن ڏيڍ.





(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ٢٤٠

مٿئين شعر ۾ 'ڏيڍ' جو استعمال ڪيل آهي.

سُک نہ ڪنهن سان تو سَوا، سامهان سَوا لَک جا سوار،
تون سَوا لَک ڪان سَوايو، لَک سَوا آهي عبث.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ١٦٦)

مٿئين شعر ۾ 'سوا لَک' سان 'سوائي' ڏنل آهي.

لِکَ بہ تو وَٽ لَکُ لَهي، لَک سال ٻي وٽ پَر نہ لِک،
پنج ڪوريون پائليون، يا پنج پاٽيون رات اڌ.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- ٢٢٠)

مٿئين شعر ۾ 'لک، پنج' جو تصور ڏنو ويو آهي.

سُجا وينا ٿي سالن ٻن ۾، ساڍا چار سؤ سيٽيون،
اهو احوال اخبارن، اندر اظهار ٿيو بيشڪ.
(ڪليات احمد، ياڳو پهريون- ٣٥٠)

'ٻن' (حرف جر سبب 'ن' جو استعمال) ۽ 'ساڍا چار سؤ' وارن لفظن ۾ 'ساڍ' جو استعمال ٿيل آهي.

سؤ ٻہ ماٺهو، مال مُئو، اٽڪل اڍائي ڪن ڪِروڙ،
روز اڳتي انگ شاهي، يا الاهي، الغياث.
(ڪليات احمد، ياڳو پهريون- ٥١٣)

مٿئين شعر ۾ 'سؤ ٻہ' ۽ 'اڍائي ڪروڙ' ۾ اندازو ۽ ساڍ شامل ڪئي وئي آهي.

هر شهر ۾ هُل حَشر، ٻيٽو اندر ٻَهراڙيَن،
ڇا نِهاريون مَنجهہ نواحي، يا الاهي، الغياث.
(ڪليات احمد، ياڳو پهريون- ٥١٣)

مٿئين شعر ۾ 'ٻيٽو' وڏيڪ ٻہ ڀيرا وڏيڪ اتر هجڻ جو تصور پيش ڪيو ويو آهي.

ٽيَس هارجي، هنڌ ڪَٽڻ جي ڪُٽل،
سڄي ويم، سَودي جي، ٽِيٽي ٿي ٽوٽ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- ١٥٨)

مٿئين شعر ۾ 'ٽيٽو/ ٽيٽي' يعني ٽي پيرا وڌيڪ اتر هجڻ جو تصور ڏنو ويو آهي.

هڪ محب، ٻيو مَه منور، ٽِئي مقابل تي بيٺا،
چند ڪان چؤٽو لڳو، تجلو سندس تخمين سان.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- ٣٨٠)

مٿئين شعر ۾ 'چؤٽو' وڌيڪ چار پيرا اتر هجڻ جو تصور ڏنو ويو آهي.

پَڇي پيڙا پَڳهه پَٽ ۾، نہ ٻيهي ماٽڪي مَٽ ۾،
ڏِڪو ڏِڪ ڏيولين ڏَٽ ۾، ڏهوٽا ڏُڌ ڏُهايا ڪي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 565)

مٿئين شعر ۾ 'ڏهوٽا'، يعني ڏهہ پيرا وڌيڪ اُتر هجڻ جو تصور ڏنو ويو آهي.

## حاصل مطلب/ نتيجو:

صنعت سياقة الاعداد جي دائري هيٺ مولوي صاحب جي شاعريءَ جو جائزو ورتو ويو، ان حالت ۾ جيڪو 'حاصل مطلب' سامهون آيو آهي، سو هيٺ نڪتن ۾ ظاهر ڪجي ٿو:

صنعت جو تعلق لفظن ڪي معنيٰ جي نسبت ڪم آڻڻ آهي، جڏهن تہ تجنيس مان مراد لفظن ڪي ڀيٽ جي حالت ۾ مختلف جنسن جا لفظ ڪم آڻڻ آهي.

'صنعت سياقة الاعداد' جي مراد انگن/ عددن ڪي ترتيب يا غير ترتيب، روان ڪرڻ واري ڪاريگري سان ڪم آڻڻ آهي، جيئن تہ:

هڪ بَلائون، ٻيو بُڪون، ٽيون بار، چوٿون بَر وڏا،
پيَم رڻ ۾ رات رهبرَ، يا رسول الله رَسيج.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون، ص: ١٣٨)

تعداد جي ترتيبوار ڳڻپ جا ٻہ اهم قسم آهن، هڪ: شماري، جيئن: هڪ، ٻہ، ٽي...، ٻيو: قطاري، جيئن: پهريون، ٻيون، ٽيون... ۽ انهن جا غير ترتيبوار عدد.

قطاري عدد جا ٻہ قسم ڄاتا ويا آهن:

١. 'قطاري' عدد: پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون وغيره.





٢. 'قطاري - شماري' عدد: هڪ، ٻيو، ٽيو، چوٿو، پنجو وغيره.

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ترتيبوار توڙي غير ترتيبوار شماري توڙي قطاري ٻنهي عددن جو استعمال ملي ٿو، جيئن:

- **شماري عدد ترتيبوار:**

حسن گهرجي هر هميشه، حسن کهڙو هڪ ٻہ ڏينهن؟
هڪ ٻہ ڏينهن لاءِ ناهه، نينهن نوبت بَرصواب.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيو، ص: ١٠٣)

- **قطاري عدد ترتيبوار:**

هڪ حسن تنهنجي اڳي، هينئڙي سندم سان ڪيو حشر،
ٻيو سجڻ سُرمان وري، صورت ڪي سينگاري وڏا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيو، ص: ٣٩)

- **شماري عدد غير ترتيبوار:**

نبي نوح ۽ هود، صالح سچار،
سين پَڪ ڪئي پاڪ رب جي پچار،
هليون پَر سندن تي پُريون پنج چار،
چڏي حق ويا پوءِ هاريا هَچار،
نہ سي ياد ڪن يار طوفان ڪي،
اجا قيريو ڪيئن فرقان ڪي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون، ص: ٣٧٠)

- **قطاري عدد غير ترتيبوار:**

تِير تائُو جن نہ ٿئي، ٻيون سي هٽن واري حبيب،
تن جو پهريون ڪانُ پُورو، پيَم پاساڙيءَ وٽان.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيو، ص: ٣٦٥)

- **قافيي ۽ رديف ۾ عددن جو استعمال:**

مِنا محبُوبَ، محبت ڪي، نہ محبن سان مَٽي وڃجي،
جشن جوڙي ڪجي جاني، نہ جهٽ پَٽ جيءُ جهَٽي وڃجي.
سجڻ! سَرچي، نهي ساٿم، وچان سالُون مَرِ وڃهہ ساريون،
ڏمر ڏاڍو هُجي تہ بہ ڏور، ڏيهڙي ڏينهن ٻہ ٽي وڃجي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيو، ص: ٥٢١)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- **اُوڻ/ اُڻ عدد:**

**اڌ جو تصور:**

هِنيين جو حال، حاڪم حسن وارا، آءُ تہ ڏيڪاريانءِ،
ٻہ اڌَ دل درد ۾ دلبرَ، تو ڌارا، آءُ تہ ڏيڪاريانءِ.

**ڏيڍ جو تصور:**

لِک منجهان ڪِن لَک ڪٽيا، ڪن لَک لُٽايا لِک مٽي،
بي خبرَ! بيدار ٿِي، بازار بَستِي ڏِينهن ڏيڍ.
(ڪليات احمد، ٻاڱو ٻيو، ص: ٢٣٠)

**سوائيءَ جو تصور:**

لِکَ ٻہ تو وَٽ لَکُ لَهي، لَک سال ٻي وٽ پَر نہ لِک،
پنج ڪوريون، پائِليون، يا پنج پاٽيون رات اڌ.
(ڪليات احمد، ٻاڱو ٻيو، ص: ٢٢٠)

**ٻيڻ جو تصور:**

هر شهر ۾ هُل حَشر، ٻيٽو اندر ٻَهراڙيَن،
ڇا نِهاريون مَنجهہ نواحي؟ يا الاهي! الغياث!
(ڪليات احمد، ٻاڱو پهريون، ص: ٥١٢)

**ٽيڻ جو تصور:**

ٽيَس هارجي هنڌ ڪَٽڻ جي ڪُٽل،
سڄي ويم سَودي جي ٽِيٽي ٽي ٽوٽ.
(ڪليات احمد، ٻاڱو ٻيو، ص: ١٥٨)

**ڏهوڻ جو تصور:**

پَڇي پئَڙا پَڳهہ پَٽ ۾ ، نہ بيهي ماٽڪي مَٽ ۾،
ڊِڪو ڊِڪ ڊوليَن ڊَٽ ۾ ، ڏهُوٽا ڏُڌ ڏُهايا ڪي.
(ڪليات احمد، ٻاڱو ٻيو، ص: ٥٦٥)

مولوي احمد وٽ ترتيبوار يا غير ترتيبوار شماري عدد جو استعمال ٻين قسمن جي نسبت جهجهو ملي ٿو.

## حوالا

١. قليچ بيگ، مرزا، ’علم عَروض‘، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ٢٠١٦ع، ص: ١٠٩.





٢. عباسي ظفر، ’سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠٠٧ع، ص: ٤٢٥.
٣. آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند، ’سنڌيءَ جي دڪدائڪ حالت سڌارڻ لاءِ رٿ‘، مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، ’سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، جلد ١، ٢٠٠٧ع، ص: ٨٢- ١٠١.
٤. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ’ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ‘، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ، دهلي، ١٩٩٩ع، ص: ١٧٥.
٥. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر، ’عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٧ع، ص: ١٩٥.
٦. جتوئي، علي نواز، پروفيسر، ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٩٦ع، ص: ١٥١.
٧. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، جلد-٢، ١٩٨١ع، ص: ١٠٢٣.
٨. سنڌي، عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر، ’شڪارپور جي ٻولي‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ١٩٩٣ع، ص: ٣٧.
٩. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر، ’عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٧ع، ص: ١٩٦.

## مددي ڪتاب:

١. رستماڻي ضرار، پروفيسر، ’ڪليات احمد‘ (مولوي احمد ملاح) ٻاڱو پهريون ۽ ٻيون، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٧ع.
٢. فيروزالدين، ’فيروز اللغات- عربي اردو‘، فيروز سنز لميٽيڊ، لاهور، ١٩٧٩ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair